# ALL NATIONS GOSPEL PUBLISHERS




www.angp-hb.co.za

info@angp.co.za

ڪان ٻچائي سگهي ٿو، ۽ پنهنجي تيج ۽ جلال جي
مؤجودگيءَ ۾ بيحد خوشيءَ سان توکي بيگناهہ ۽
نردوش ظاهر ڪري ٿو، اُن اڪيلي سياڻي
پرميشور اسان جي مڪتي داتا جي شل مهما ۽
شان شؤڪت، حڪوُمت ۽ طاقت، نہ صرف هاڻ
پر هميشه لاءِ قائم ۽ برقرار رهي! آمين."
(جوُڊ ٢٤، ٢٥).

Copyright ANGP

**COPYRIGHT**
ISBN 0-908367 - 59 - 7

۽ ڏارمڪتا کي چنبڙي پئو، ”ڇاڪاڻ ته پاپ جو اجورو موت آهي، پر پرميشور جو وردان آهي يسوع مسيح معرفت اَبدي زندگي.“
(رومنس ٦ : ٢٣).

۽ تون، جنهن پنهنجي حياتي پرميشور کي سونپي ڇڏي آهي، ”اُنهن شڌ ۽ پاڪ لفظن جي دستورئي ساڳئي وشواس ۽ پيار سان ثابت قدم رهه جيڪو توکي يسوع مسيح ۾ آهي،“ اِن جو اِهوئي سبب آهي جيڪو پال ٢ تموٿي ١: ١٢ ۾ ٻڌايو آهي ته ”جنهن ۾ مون وشواس رکيو آهي تنهنکي ڄاڻان ٿو ۽ مون کي نشچو ڪرايو ويو آهي ته هو اُن ڏينهن تي پنهنجي زبان پاڙي سگهي ٿو جيڪا مون هن سان ڪئي آهي.“ يعني هو قيامت جي ڏينهن منهنجي رکوالي ڪري سگهي ٿو. اِن پوتر وشواس ۾ پنهنجو پاڻ کي مضبوط رک، پوتر آتما کي پرارٿنا ڪر، پاڻ کي پرميشور جي پيار ۾ پڪو رک ۽ يسوع مسيح کي لکيندو رهه، جو مارڳ، جيون ۽ سچ آهي، ۽ جو اَسانجو پريو پنهنجن ڀڳتن کي وٺڻ لاءِ جلد موٽي ايندو — ”هو راجائن جو راجا ۽ خاوندن جو خاوند آهي.“

”هاڻ جيڪر توکي هيٺ ڪرڻ ۽ توکر ڪائڻ

هن ڪان پوءِ شيطان ڪي مٿس غالب پوڻ جي طاقت أني
ڪانهي، ڇاڪاڻ ته ”پرميشور جي نگاهه ۾ پنهنجن
پڪن جو موت انمول ۽ بيحد قيمتي ٿئي ٿو“
(سام ۱۱۶: ۱۵). ”۽ مون سرڳ مان هيءُ لفظ ٻڌا
ته لک، اهي مردا هن ڪان پوءِ ڌنيه آهن جيڪي
پريوءَ ۾ مرن ٿا. آتما چوي ٿي ته هائو، اُنهن برابر
آهي ته ڪين پنهنجي پورهيي ۽ محنت کان آرام ۽
قرار ملندو ۽ سندن ڪرم ساڻن گڏوگڏ لڳن ٿا“
(رويليشن ۱۴: ۱۳).

## آنتم اُپديش

پريه پاٺڪ، شل پرميشور توکي مدد ڪري ته
جئن تون پنهنجي دل اُن کي سونپين، جيڪو توکي
پيار ڪري ٿو ڇاڪاڻ ته هُو هاڻ هِن هلا أي توکي
چوي ٿو ته ”منهنجا پٽ! (منهنجي ڌيءَ!) پنهنجي
دل مون سان لڳاءِ“ (نيتي وچن ۲۳: ۲٦). پنهنجي
ٿڪل، نا اُميد، دکي دل يسوع مسيح کي ڏي ۽
هُو توکي نئين دل ڏيندو ۽ اُن ۾ نئين آتما وجهندو.
پنهنجيءَ فريبيءَ دل تي نگهي نه وجھ ۽ اُن جي
اِڇائن ۽ تمنائن پٺيان نه پئه ڇاڪاڻ ته ”جيڪو به
پنهنجيءَ دل تي ڀاڙي ٿو سو بيوقوف آهي: پر جيڪو
به سياڻپ پرٺو قدم کڻي ٿو سو ڇوٽڪارو پائي ٿو“
(نيتي وچن ۲۸: ۲٦). پنهنجن پاپن کي تلا نجلي ڏي



Copyright ANGP




## ١٠. نهايت فرحتي شاندار بهشتي گهر وڃڻ

ٿو ۽ جنهن مون کي موڪليو آهي اُن تي وشواس رکي
ٿو، سو اَبدي زندگي ماڻي ٿو ۽ سزا يا ملامت جو
پاڳي نٿو بڻجي، مگر موت مان لنگهي زندگيءَ ۾

لاءِ روزاني روحاني ماني آهي ته پنهنجي اندر جي پياس بجهائڻ لاءِ آب حيات؛ اهو هن لاءِ اهڙو اشنان آهي جنهن سان هو پاڻ صاف ۽ شڌ ڪري ٿو ۽ آهو آئينو آهي جنهن ۾ هو پاڻ پسي ٿو.

هو پنهنجو صليب کڻي يسوع مسيح پٺيان هلڻ پسند ڪري ٿو، چاڪاڻ ته هو ڄاڻي ٿو ته بنا ڪروس جي يا سوُر سختيون سهڻ کان سواءِ مڪت نٿو ملي. جڏهن ته هو ڄاڻي ٿو ته نئين زندگي ماڻڻ لاءِ مسيح سان گڏ هو به صليب تي مٿي چڙهيو آهي، تنهن ڪري هو اُهي آسماني شيون ڳولهي ٿو، جيڪي اَنادي ۽ اَدرشي آهن. هو پنهنجي پرميشور سان ملڻ لاءِ تيار آهي ۽ اُن وقت مثل آهي جنهنکي پاڻيءَ جي ويجهو پوکيو ويو هجي ۽ جو موسم ۾ ڦل ڏئي ٿو، هو اُن سچي انگوري شاخ سمان آهي جنهن ۾ جهجهو ميوو آهي. هو موت کان نٿو ڏڪي چاڪاڻ ته پوتر آتما ذريعي پرميشور جي پوري پريم سندس دل کي پري چڏيو آهي.

## ڏهين مورت

يسوع مسيح چيو ته ”قيامت ۽ زندگي مان ئي آهيان: جيڪو به مون ۾ وشواس رکي ٿو سو جيتوڻيڪ مري به ٿو ته به زنده رهندو. ۽ جيڪو به زنده آهي ۽ مون تي وشواس ڪري ٿو سو ڪڏهن به نه مرندو“ (جان ١١: ٢٥، ٢٦). ”جيڪو به منهنجو وچن ٻڌي



Copyright AWGP

ڪيس ٻين تي اذڪار ڏيندس......“ ”جيڪو ٻہ سوڀارو
ٿئي ٿو تنهنکي ساڳيءَ طرح اَڇا ڪپڙا پهرايا ويندا
۽ مان سندس نالو زندگيءَ جي ڪتاب مان ميساري
نہ ڇڏيندس، پر مان پنهنجي پتا ۽ هنجي فرشتن
اڳيان سندس نالو قبوُ ليندس.“ ”جيڪو ٻہ فتحياب
ٿيندو مان تنهنکي پنهنجي پرميشور جي مندر ۾ هڪ
ٿنڀو بڻائيندس ۽ هن ڪي وري ٻاهر نڪرڻو ئي نہ
پوندو.“ ”جيڪو ٻہ جيت پائيندو تنهنکي مان
پنهنجي تخت تي پاڻ سان گڏ ويهڻ جي اجازت ڏيندس،
جهڙيءَ طرح مان ٻہ جيت پائي پنهنجي پتا سان گڏ
سنگهاسن تي ويٺي ويس“ (رويليشن ۲: ۷، ۱۱، ۱۷، ۲۶؛
۳: ۵، ۱۲، ۲۱).

پئسن جي ڪليل ڳوٺڙي تيڪاري ٿي تہ نہ صرف
سندس دل، مگر سندس پئسو پڻ پرميشور جي اَرپڻ
ڪيو ويو آهي. پنهنجو دنيوي مال متاع ائين ٿي
بيڪار وڃائڻ بدران، هوُ غريبن جي مدد ڪري ٿو،
پنهنجيءَ ڪمائيءَ جو ڏهون حصو ۽ ٻيا نذرانا ايتري
قدر جو پنهنجي سموري سمپتي پڻ پرميشور کي ڏيو
ڇڏي ۽ پنهنجي هرهڪ شيءِ پرميشور جي مهما لاءِ
ڪم ۾ آئي ٿو.

مانيءَ ۽ مڇي اها معنيٰ رکي ٿي تہ هڪ پوني شد
۽ سنڌمي جيون جيئي ٿو. هوُ نشيدار شيون واپرائي،
يا خون پيي، يا گهٽو ڏيئي ماريل ماس کائي يا ٻئي

Copyright ANGP

يا تلوار؟" (رومنس ٨: ٣٥). "نہ، انهن سڀني ڳالهين
۾ اسين اُنهيءَ معرفت، جنهن سان اسان پيار ڪيو
آهي، ملڪ گيرن کان بہ مهان آهيون" (رومنس ٨: ٣٧).
پرميشور جي پوري پاڪر پائي هر ٻن ڏينهن جو
ٻڌُيءَ مقابلو ڪرڻ ۾ سمرٿ ٿئي ٿو ۽ يسوع مسيح
معرفت هر آزمائش مان لنگهي پار پوي ٿو، چاڪاڻ
تہ يسوع مسيح پڻ سڀني پريکيائن ۽ آزمائشن تي وجيہ
پاتي هئي ۽ هنجي سهاري اسين بہ وجئي ٻڌجي
سگهون ٿا ۽ وڌائيءَ جو چت حاصل ڪري سگهون ٿا.

سندس وويڪ جو تارو صاف ۽ چمڪندڙ آهي.
سندس دل وشواس سان پر ۽ پوتر آتما سان پري
پيٺي آهي. پرميشور جي وچن روُپي فرشتو، ڪيس
اُنهن امله انجامن جي يادگيري ڏياري جي اُنهنکي
ڏنا وڃن ٿا جيڪي وجئي ٿين ٿا ۽ توڙ تائين ڌيرج
ڌرين ٿا. "جيڪو وجئہ پائي ٿو مان اُن کي اُن زندگيءَ
جي وڻ مان ميوا کائڻ لاءِ ڏيان ٿو جيڪو وڻ پرميشور
جي بهشتي باغ ۾ اُپري، اسري ۽ وڌي ويجهي ٿو."
"جيڪو وجئہ پائي ٿو تنهنکي ٻيو موت ڪو نقصان
رسائي نٿو سگهي." "جيڪو سوڀ حاصل ڪري ٿو
تنهنکي مان لڪل روحاني ڪاڌو کائڻ لاءِ ڏيندس
۽ مان کيس هڪ اڇو پٿر پڻ ڏيندس جنهن ۾ هڪ
نئون نالو لکيل هوندو." "۽ جيڪو جيت پائي ٿو
۽ منهنجن ڪمن تي توڙ تائين محڪم رهي ٿو مان



Copyright ANGP

صبر سان ڊوڙندو رهي ٿو، نڪي ڏائي طرف ڏسي
ٿو ۽ نہ ساڄي، پر ”أسان جي وشواس کي لکندڙ
۽ سينگاري مڪمل ڪندڙ يسوع مسيح طرف أـي
لڪيندو رهي ٿو“ (هيبروز ١٢: ١، ٢).
شيطان پنهنجيءَ ساريءَ سيڻا سان وشواس رکندڙ
دل کي چئني طرفن کان گهيري وجهي ٿو ۽ ايشور پتر
کي اوجهڙ ۽ اوڙاهہ طرف وٺي وڃڻ لاءِ بيڪار ڪوشش
ڪري ٿو. گهمنڊ، پئسي جو پيار يا ڌن دولت جو
لوڀ، بڇڙائيءَ، بد فعليءَ ۽ بدڪاريءَ جو ڊنيت، ۽
بيا انيڪ پاپ پڻ هتي ڏيکاريا ويا آهن. چيتي جي
جڳهہ تي هاڻ اسين هڪ ڳڏہ ٿا ڏسون، چاڪاڻ تہ
پاپ گهڻو ڪري اسان وٽ جدا جدا روپن ۾ ايندو
آهي ۽ جدا جدا پوشاڪ يا نالي سان پاڻ لڪائيندو
رهندو آهي. پر سچ ـ ۽ سچاڳ ڪرستان پاپ کي
ڳولهي ڪڍندو آهي، پوءِ ڪٽي اهو ڇو نہ ڌرم جي
پوشاڪ پهري اچي يا پرڪاش جو فرشتو بڻجي اچي،
چاڪاڻ تہ پرميشور جو وچن ۽ اُنجي سچي آتما،
سچائيءَ جي رستي تي سندس رهبري ڪن ٿا. هڪ
ماڻهو، هٿ ۾ شراب جو گلاس ڪٽي، عيسائيءَ جي
چوگرد نچي رهيو آهي ۽ ڪيس سنساري وشيہ واسنائن
۽ عيش عشرت لاءِ هرڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو
آهي. مگر تنهن هوندي بہ پاڪ ڪيل اَرپت عيسائيءَ
تي اُن جو ڪو بہ اثر نٿو ٿئي، چاڪاڻ تہ هن پنهنجو

Copyright ANGP




## ٩. جيت پائيندڙ دل

سوڀارن انسانن کان به وڌيڪ ثابت ٿيو آهي. هـوُ
نه صرف عيسائيءَ جاتيءَ ۾ داخل ٿيو آهي، پر هـوُ
پاڻ کي اُن ۾ محفوظ رکندو آيو آهي، ۽ گوءِ کڻڻ لاءِ

ته ڪافي دير ٿي چڪي آهي ۽ ڪجهه به ٿي نٿو
سگهي. هزارين ماڻهو اوچتو مرن ٿا جن کي
سڪرات ويلي پرميشور کي ڳولهڻ جو موقعو ئي
نٿو ملي. تنهنڪري اهو لازمي آهي ته پرميشور جي
اُن وقت ڳولا ڪريون جنهن وقت هو اسان کي ملي
سگهي ٿو. پرميشور جي آئت پڙهڻ ۽ ٻڌائيندڙ لفظن
ٻڌڻ بدران هن مرڻيگهه پاپيءَ کي، جنهن پنهنجيءَ
حياتيءَ جي عرصي ۾ پرماتما جي پيار ۽ ڪرپا کي
نامنظور ۽ نا قبول ڪيو، هاڻ پنهنجي منصف، قبول
نه ڪيل مڪتي - داتا جا هيءُ لفظ ٻڌڻا پون ٿا ته
”هي پٽيل انسانو! مون کان موڪلايو ۽ وڃي اُن
اَننت آگ ۾ پئو جنهنکي شيطان ۽ سندس دوتن لاءِ
تيار ڪيو ويو آهي“ (متيو ٢٥: ٤١). ”ماڻهن لاءِ هڪ
دفعو مرڻ ۽ اُن کان پوءِ انصاف ٿيڻ مقرر ڪيو ويو
آهي“ (هيبروز ٩: ٢٧).

## ناٿين مورت

هيءَ تصوير اُن هڪ ڪرستان جو چٽ چٽي ٿي
جنهن جي دل صبر ۽ سهن شيلتا سان سڀ ڏک سور
سٺا آهن ۽ پرلوين ۽ ٻين اگني پريکيائن مان پار پئي
سوڀ حاصل ڪئي آهي. جيتوڻيڪ هو سيٽني ياسن
کان لاڳايو ۽ هرڪايو ويو آهي، تنهن هوندي به هو
هر حالت ۾ مضبوط ۽ اَچل رهيو آهي ۽ پڇاڙيءَ تائين
سهندو رهيو آهي، تانجو يسوع مسيح معرفت فاتح ۽

Copyright ANGP

عرصي تائين لمحه هٽي نڪرائي ڇڏيو آهي. سندس جهونا دوست هنجي بستري جي پرسان بيهڻ کان به ڪيٻائي رهيا آهن ۽ اُنهن جي آتمَ جا سڪتا لفظ هاڻ ڪيس ڪا به سهايتا ڏيئي نٿا سگهن. جيڪس سندس حرام جا ڪمايل ٽڪا نه سندس حيائي وڌائي سگهن ٿا ۽ نه ئي سندس آتما کي بچائي سگهن ٿا، ۽ نه ئي وري سندس آتما جي پيڙا کي ڪا شانتي ڏيئي سگهن ٿا. هن لاءِ ايڪاگر چت سان پرميشور تي ڌيان لڳائڻ ناممڪن ٿيو پوي ڇاڪاڻ ته شيطان ڪيس اهڙو وجهه ڏئي ئي نٿو.

هرڪا شيءِ جنهن کي هو ڪڏهن دل ۽ جان سان چاهيندو هو ۽ جنهن لاءِ هو جيئڻ ته زنده هو، سا اڄين ڏسڻ ۾ ٿو اچي جڻ ته سندس ئي مذاق پيئي اڏائي. ايتري قدر جو سندس ڪُوڙا، شايد ڌرم نه ڦيرايل پاسبان يعني پادري پڻ هاڻ سندس ڪا مدد ڪري نٿا سگهن ڇاڪاڻ ته هن پرميشور جي ڪرپا کي ٺـي نڪرائي ڇڏيو آهي ۽ پرميشور جي آگيا روپي قانون جي نندا ڪرڻ ڪري پٺت ٿي ويو آهي. هاڻ هـو معلوم ڪرڻ شروع ڪري ٿو ته ”زنده پرميشور جـي هٿن ۾ ڪرڻ خوفناڪ ڳالهه آهي“ (هيبروز ۱۰:۳۱). ڪيس اُميد هئي ته ڪنهن سهوليت پرئي ڏينهن، يا موت جي بستري تي پرماتما سان پنهنجو ليکو چڪائيندو ۽ سنبنڌ جوڙيندو، پر هاڻ هو ڏسي ٿو



Copyright ANGP




## ٨. گنهگار جي سزا

جيتوڻيڪ هوُ هاڻ پرارٿنا ڪرڻ لاءِ تڙقي ۽ واجهائي
ٿو پر هوُ ڏسي ٿو تہ پرميشور سان سنگت رکڻ جي
ڪيس سمرٿي اُئي ڪانهي، جنهنجي پيار ڪي هن هيٺري

يسوع مسيح وٽ آيو ۽ اَچي چيائينس تہ، ”هي
پرڀوُ! جيڪڏهن توهين چاهيندا تہ بہ توهين مونکي
شڌ ڪري ڪونہ سگهندا.“ يسوع مسيح جواب ڏنس
تہ ”مان چاهيان ٿو تہ تون شڌ ٿين؛ تون پاڪ شڌ
ٿي“ (مارڪ ۱: ۴۰، ۴۱) (۽ هو ڪوڙهيو شڌ ٿي
ويو.) پر جيڪڏهن اوهين پنهنجيءَ دل کي ڪنور
ڪندا ئي رهندا ۽ روشنيءَ بجاءِ اندڪار کي ئي
چاهيندا رهندا تہ پوءِ اوهان جي بچڻ جي ڪا
اُميد ئي ڪانهي ۽ نہ ئي اوهان کي ڪا مدد ئي
ملندي، ڇاڪاڻ تہ ترهين زندگيءَ بدران موُت ئي
پسند ٿا ڪريو. ”ڇو تہ پاپ جو اُجوُرو موت ئي آهي“
(رومنس ٦: ٢٣).

## آئين مورت

هن تصوير ۾ اَسين هڪ آناڪاني ڪندڙ، رکہ رکان
۽ اَج سيان ڪندڙ، نٽائيندڙ ۽ ڪنور پاپيءَ کي موُت
جي نزديڪ پهچندي ڏسون ٿا. سندس سرير ڏکہ سوُر
۽ پيڙا سان پر آهي ۽ سندس آتما موُت جي ڀ پ سان
پري پيئي آهي. موُت روُپي هڏن جو پڃرو اوچتو ۽
اَڻ گهرئي وقت اچي ظاهر ٿيو آهي. پاپ جا چِل ڪپت
پريا پوڳہ ولاس سب ڇالاڪو ڪري ڇڪا آهن، ۽ هاڻ
پاپ جي گران ۽ هولناڪ عيوضيءَ جي هيبتناڪ حقيقت
کي منهن ڏيڻو آهي. نرڳہ جون پيڙائون ۽ لڪليفون
پنهنجي شڪار کي پنجي ۾ آڻي جهلي بيهارين ٿيون.



Copyright ANGP

ڪو پرميشور طرف مڙڻ جو ويچار آهي ۽ نہ ئي يسوع
جي چرنن ۾ ڪري معافي گهرڻ جي ڪا خواهش آهي.
هن جو وويڪ اهڙو آهي جهڙڪ ڪيس ڪنهن گرم لوه
سان ڏنپ ڏنا ويا آهن ۽ کيس شانت ڪرايو ويو
آهي. هن کي ڪن تہ آهن پر هوُ يسوع جو ليلا ئيندڙ
آواز ٻڌي ئي نٿو سگهي. کيس اکيون تہ اوس آهن
پر هوُ ان نرڪ جي اُتاه اوُنهيءَ کڏ کي ڏسي ئـي
ڪونہ تو سگهي جيڪا سندس پيرن وٽ منهن ڦاڙي
بيٺي آهي. هاڻ هنکي پنهنجن پاپن تي هوند ٻـڌي
بيهڻ ۾ ڪوبہ شرم حيا محسوس ئي نٿو ٿئي. شيطان
سندس دل تي راڄ ڪرڻ لاءِ اچي ويـو آهـي ۽
سندس دل جي تخت تي راجا بڻجي وينو آهي.
ممڪن آهي تہ هوُ هاڻ پڻ ظاهر ظهور پاهران معزز
۽ شـريف هئڻ جـي لاف ۽ لـبـاڙ هڻي ۽ ڪنهن
پاڪنديءَ جيان ديندار ۽ ڌرمشت هئڻ جو ڏيکاءُ ڪري،
” پر اندر هوُ مردن جي هڏين ۽ گندگيءَ ۽ غلاظت
سان ڪناڪر پريو پيو آهي“ (متيو ۲۳: ۲۷).

اهڙيءَ طرح ڪوُڙ ڪپٽ جي پتا يعني شيطان،
سچ جي آتما يعني يسوع مسيح جي جڳهہ اچي والاري
آهي. هرهڪ جانور، جو هرهڪ پاپ آهي، تنهنجو
سنگ ڪنهن خاص ناپاڪ روح ۽ ڀوُت سان آهـي،
جنهن اچي سندس دل ۾ واسو ڪيو آهي. جيتوڻيڪ
هوُ پاڪکي انهن تيج ڪميڻن عذاب ڏيئي چيچڙا ئيندڙن

Copyright ANGP

پنهنجي دل پڻ جهڙي سخت بڻايو ڇڏي ته پوءِ هو
پاڻ وڏيڪ بدتر بڻبو وڃي ٿو چاهي هو پاڻ کي
سڌارڻ لاءِ ڪيڏا به احمقاڻا حيلا هلائي ٿو.
بي دين ٿيل پڇتاءِ انسان جي حالت جو بيان
يسوع مسيح پاڻ ڪيو جڏهن هن چيو ته "جڏهن
ناپاڪ روح انسان جي اندر مان ٻاهر نڪري وڃي ٿو
ته هو سڪون ۽ چين جي تلاش ۾ خشڪ ۽ سڪلين
جڳهين ۾ ڀٽڪندو وتي ٿو ۽ جڏهن ڪيس آتي کو آرام يا
سک چين حاصل نٿو ٿئي تڏهن هو چوي ٿو ته مان
موٽي پنهنجي اُن گهر ويندس جتان مان ٻاهر آيو
آهيان. ۽ جڏهن هو اتي اچي ٿو تڏهن اُن کي
صاف سٿرو ٻهاريل ۽ سينگاريل ڏسي ٿو. پوءِ هو
وڃي ٿو ۽ پاڻ سان پاڻ کان به وڌيڪ بڇڙا ۽ خبيث
ست روح آڻي ٿو، ۽ اهي سڀ اندر داخل ٿين ٿا ۽
اتي ديرو دمائي ويهن ٿا: ۽ اُن ماڻهوءَ جي آخرين
حالت پهرين کان به بدتر ٿيو پوي" (ليوڪ ١١: ٢٤-٢٦).
"اُنهن سان هيءَ چوڻي بلڪل صحيح ٿي لڳي ته
ڪتي وري پنهنجي ڪيل الٽيءَ ڏانهن منهن موڙيو
آهي، ۽ اها سوئر جنهنکي ڌوئي صفا ڪيو ويو هو،
تنهن وري گپ ۽ چڪ ۾ وڃي پاڻ ستيو آهي"
(٢ پيٽر ٢: ٢٢).
اِهي پاڪ لکيتون بي دين پڇتاءِ ٿيل يا نا پشيمان
پاپيءَ جي دل جي حالت جنيءَ طرح سمجهائين ٿيون.

Copyright ANGP




## ٧. بي دين ۽ مت ٽيل يا ٻڀٽ دل

پيش ٿيل پيو آهي جيتوڻيڪ انجيل جي سچائي ، جنهنکي ”خوش خبري يا منگل سماچار“ سڏيو وڃي ٿو ، سو آڇيو ۽ کولي سمجهايو ويو آهي. اهو ماڻهو جنهن کي جڏهن پريو دليل ڏئي ٿو ۽ اُن وقت هو

شاهوڪار ۾ ڪامياب ٿين ٿا، سو بيخبرو اندر رڙهي ۾ سري اُچي ٿو ۾ جيڪڏهن ڪيس ٿورو به موقعو ملي ٿو ته هوُ جهٽ تڪار ۾ گهمنڊ جو دروازو کوليو ڇڏي.

پئسي جي پيار کي اسان جي دلين ۾ اندر سري اچڻ ليسين بلڪل آسان آهي جيسين اسين پريو يسوع جي چتاءَ ڌانهن ڌيان نٿا ڌيون جڏهن هو چوي ٿو، ”پهري سجاڳ رهو ۽ پراٿنا ڪريو ته جئن توهان کي پرلوڀن ۾ آزمائش ۾ پير و جهٽو نه پوي“ (متيوُ ۲۶: ۴۱). ”تنهن ڪري جيڪو سمجهي ٿو ته مان اِستر آهيان سو سچيت رهي ته متان ڪٿي ڪــري نه پوي“ ( ۱ ڪورنٿينس ۱۰: ۱۲ ). اسان کي پرميشور جـــي سموري زره پائي ڇڏڻ گهرجي ته جئن شيطان جي چالوُن ۽ فريب دوه جو اخوبيءَ مقابلو ڪري سگهون (ايفيسيس ٦: ۱۱ – ۱۸).

## ستين دورت

هيءَ تصوير ماڻهوءَ جي ٻي ڏين پٽنت ٿيل يا ڍيٺ دل جي حالت جو اظهار ڪري ٿي، جنهن ۾ هوُ ڪنهن وقت پرمن ۾ جهالت مان نڪتل، حق شناس ۽ روشن دل ۽ دماغ وارو ڪيو ويو هو ۽ هن بهشتي سوغاتن جو چشڪو ورتو هو ۽ ڪيس پوتر آتما جو شريڪ بڻايو ويو هو، پر هاڻ پٽنت ٿي ويو آهي. هيءَ تصوير اُن آدميءَ جي دل جي حالت پڻ ڏيکاري ٿـــي جنهن ڪڏهن نه پڇتاءُ ڪيو آهي ۽ نه ئي ايشور اڳيان ڪڏهن

Copyright ANGP

محفل ۾ نه وهڻ جهڙو محسوس ڪري شرمائجي وڃي ۽ اُتي ڪيس شيطان چوي ته هيءُ هڪ موقعو سندس آتمڪ جيون ۾ ڪو به نقصان نه رسائيندو. پوءِ نفساني ويچارن، حرص هواس ۽ واسنائون مٿس پنهنجي هستي محسوس ڪرائڻ لڳن ٿيون. مڙهڻ هاڻ هُو فاحش مذاق ماڻڻ ۾ مزو وٺڻ شروع ڪري ٿو، هُو هر گهڙيءَ ڏاڍي مزي ۽ آنند سان فاحش تصويرون ڏسي ٿو، بد اخلاق ۽ چرتر هيڻ دوستن ڪي چاهڻ لڳي ٿو، ناچ-گهرن ڪي نوازي ٿو، شڪي ۽ اعتراض جوڳين وندرن سان پاڻ وندرائي ٿو ۽ شيطان جي بڇڙين صلاحن ڪي چڻ ته خوشيءَ سان سويڪار ڪري ڳرڪائي وڃي ٿو، جو شيطان ڪيس چوي ٿو ته هيءُ ته بلڪل سپاريڪ ئي آهي ۽ هڪڙو پاپ ڪو پاپ ڪونهي.

سچ پچ اسين لاچار ٿي پئون ٿا جڏهن ناپاڪ پليت ويچارن ۽ مدائيءَ ۽ بڇڙائيءَ جا خونخوار ۽ وحشي پرندا اسان جي سرن مٿان اُڏامن ٿا، پر اسين گنهگار ۽ ڏوهي ٿيندا سون جيڪڏهن اسين اُنهن پکين کي چيڪ چڏي ڏيندا سون ته پل اُهي اچي اسان ٿي ڪپ ڪوڙي ويهن ۽ اسان جي دلين ۾ اچي پنهنجا آکيرا اَڏين ۽ پنهنجن ڏڪرمن ۽ ناپاڪ ڪارنامن جا گهات گهڙين. جيڪڏهن اسين شيطان کي پنهنجي هڪڙي ننڍڙي آڱر پڪڙڻ ڏيندا سون ته پڪ هو



Copyright ANGP

ٿي پيو آهي ۽ ٻن ويچارن وچ ۾ ڏيرو دمائي ڦاسي پيو
آهي. هوُ دنيا سان ڇڏڻ ڪرڻ به شروع ڪري ٿو ته
پرميشور کي پيار ڪرڻ جا به بهانا ٻڌائي ٿو. سندس
دل ۾ وويڪ روُپي تارو جهڪو ٿيندو وڃي ٿو. هاڻ
هوُ مسڪراهٽ سان صليب کي ڪٽي نٿو هلي ڇاڪاڻ
ته هاڻ اهو هن لاءِ اڻ وڻندڙ ڀاري ٻوجهو بڻجي پيو
آهي. هنجي وشواس لڏڻ شروع ڪيو آهي ۽ هوُ
پرارٿنا دوارا پرميشور سان خالي احوالي ٿيڻ کان باز
اچي ويو آهي. هوُ پنهنجيءَ دل جي دشا طرف
لاغرض ۽ لاپرواهه ٿي پيو آهي ۽ آهستي آهستي اُن
شيطان لاءِ دل ۾ جاءِ جوڙي رهيو آهي جو سندس
دل جي ٻاهران چپ ماري لڪي ويٺو آهي. هاڻ
هنکي سچن وشواسي پرشن جي سنگت کان وڌيڪ
دنيوي دوستيءَ مان مزو ماڻڻ پسند پوي ٿو.

موُر جي آتما، جا گهمنڊ ۽ مغروري ڏيکاري ٿي،
سا سندس دل ۾ داخل ٿيڻ لاءِ واجهه وجهڻ شروع
ڪري ٿي. هوُ شايد اِن ڳالهه کي وساري ويٺو آهي
ته هوُ صرف فضل ۽ ڪرپا سان ئي بچايو ويو هو، مگر
هوُ هاڻ هڪ گهمنڊي عيسائي بڻجي پيو آهي.
شرابخوري سندس دل جو دروازو کڙڪائي پيئي ۽
اندر اچڻ لاءِ واجهائي پيئي. ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن
خاص موقعي تي، دنيوي دوستن جي سنگت ۾، هوُ
پاڻ کي هڪ نيارو، ضعيفڙو يا رکو روح، مجلس ۾

Copyright ANGP



## ٦. ڏتاريل ۽ ونڊيل دل

ڪن ڏيڻ شروع ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هو هاڻي پڻ ديول
۽ گرجا گهر ۾ وڃي ٿو ۽ ڌرمي پوشاڪ هيٺان پنهنجي
دنيا پرستي لڪائيندو رهي ٿو، مگر در اصل پرميشور
جو پيار سندس دل ۾ ٿڌو ٿي چڪو آهي. هو ٻچتير

وڃهندس ۽ اوهان کي پنهنجن قاعدن قانونن موجب هلائيندس، ۽ اوهين منهنجي نيمن کي مڃي اُن موجب رهت رهندا“ (ايزڪيئيل ٣٦: ٢٥ – ٢٧). اهوئي بائيبل جي نئين عهدنامي جو اَرٿ آهي جنهن تي پرميشور پنهنجي پٽ يسوع مسيح جي خون سان مهر لڳائي آهي.

هن مورت ۾ اسين ڏسون ٿا ته هڪ فرشتو وري پنهنجي ڏيکاري ڏيئي رهيو آهي. فرشتن کي انهن انسانن جي خدمت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويندو آهي جن کي اَبدي حياتي ورثي ۾ ملندي ۽ انهن جي چوگرد اُهي چانوڻي هڻي ويهندا آهن جي ايشور کان ڊڄندا آهن (سام ٣٤: ٧؛ ٩١: ١١؛ ڊئنيل ٦: ٢٢؛ مٿيو ٢: ١٣؛ ١٣: ٣٩؛ ١٨: ١٠؛ اَڪٽس ٥: ١٩؛ ١٢: ٧–١٠).

هن مورت ۾ شيطان پڻ دل جي بند پرسان بيٺو ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو چاهي ٿو ته پنهنجي اڳين اصلوڪي جڳهه ۾ وري اندر گهڙڻ جي موقعي لاءِ اکيون پائي ويٺو نهاري. تنهن ڪري پرارٿنا ڪرڻ ۽ پهري سجاڳ رهڻ جي تاڪيد ڪئي ويئي آهي، چاڪاڻ ته اسان جو ”دشمن، شيطان، گجندڙ شينهن جيان هيڏانهن هوڏانهن ان ڳولها ۾ گهمي رهيو آهي ته هو ڪنهن کي چيري ڦاڙي هائو هائو ڪري کائي ڇڏي“ (١ پيٽر ٥: ٨). اڪثر اهو شيطان روشنيءَ جي فرشتي جو روپ ڌارڻ ڪندو آهي جو بيخبر ۽ ڳهيلن سنت

Copyright ANGP

(جان ١٥: ١-١٠). جڏهن ته هوُ پوتر آتما سان پرجي ويو آهي ۽ هنکي شدي سنان (بپتسما) ڪرايو ويو آهي، تنهنڪري ڪيس پنهنجي جسم ۽ نفساني خواهشن حرص هوس وغيره مٿان غالب پوڻ جي طاقت حاصل ٿي آهي ۽ هوُ جهوُني پراڻي انسان کي صليب تي چاڙهي ٿو. پوتر آتما جي شڪتيءَ سان، هوُ آتما موجب هلي جسماني خواهشن کي مات ڪري سگهي ٿو. هو هاڻ جيڪي ڏسي، ٻڌي ۽ محسوس ڪري ٿو تنهن موجب نه هلي پر وشواس سان زندگي بسر ڪري ٿو — ڇاڪاڻ ته يسوع مسيح تي وشواس ڪرڻ سان ئي سنسار تي سوڀ پائڻ آهي. هوُ هڪ يقين ۽ زنده اُميد تي حيات رهي ٿو ۽ اِن نوُراني آشا ئي ڪيس همت ڏيئي مضبوط ڪيو آهي ته اسان جو پريو يسوع مسيح جلد موٽي اچي وري پنهنجو جلوو ڏيکاريندو. اهڙيءَ طرح هوُ اُن ايشور ۽ پريوءَ ۾ پيار هئڻ ڪري جيئرو رهي ٿو جو نرنتر جيوت ۽ جيئرو آهي.

”اُهي انسان ڌنيہ آهن جن جا من پوتر ۽ پاڪ آهن ڇاڪاڻ ته اُهي ئي پرميشور کي ڏسندا“ (متيوُ ٥: ٨). جيتوڻيڪ بادشاه دائوُد پنهنجن ٻاهرين دشمنن تي سوڀوُن پاتيون ۽ ڪافي ڌن دولت حاصل ڪيو ته به هن پاڻيءَ پيت جاتو ته هوُ وڏي ۾ وڏي لڙائي پنهنجي ئي من ۾ لڙي رهيو هو ۽ هوُ پنهنجي



Copyright ANGP

پٽ ۽ پوتر آتما جي رهڻ جو آستان بڻجي پيئي آهي، جئن پرڀوُ يسوع مسيح انجام ڪيو هو ته ”جيڪڏهن ڪو ماڻهو مون سان پيار رکندو ته منهنجن وچنن تي پورو رهندو ۽ منهنجو پتا ساڻس پيار رکندو ۽ اسين وٽس ايندا سون ۽ ساڻس گڏ رهڻ لڳنداسون“ (جان ۱۴: ۲۳). پرميشور يسوع مسيح معرفت انسان جي عزت ڪري ٿو، ڪيس آسيس ڏئي ٿو ۽ متي ڪٽي چوٽ چاڙهي ٿو (ليوُڪ ۱: ۵۲).

هاڻ اُها دل پرميشور جو سچو مندر بڻجي پيئي آهي. پاپ ۽ گناه کي اُتان لوڏي ڪڍيو ويو آهي. جن انيڪ جانورن تي ڪوڙ ۽ ڪپٽ جي پتا شيطان جو حڪم هلي ٿو اُنهن جانورن بدران هاڻ اسين پوتر آتما ۽ سچ جي آتما کي ان دل ۾ واس ڪندو ڏسون ٿا. پاپ جي قبيح، ڪراهت ۽ نفرت ڀري جڳهه هئڻ بجاءِ هاڻ سندس دل هڪ سندر ميويدار وڻ يا باغ بڻجي پيئي آهي جنهن ۾ آتما جا ميڙا جهڙوڪ پريم، آنند، شانتي، نمرتا، سهن شيلتا، مروّت، ڀلائي، وشواس، حليمائي، سنجم وغيره لڳن ٿا جيڪي انسان ۽ ايشور ٻنهي کي ڏاڍو وڻن ٿا. هوُ هاڻ سچ جي انگور جي ميويدار شاخ يعني اسان جو پرڀو يسوع مسيح بڻجي پيو آهي، منجهس آتما جا ڦل پيدا ٿيڻ جو راز اِهو آهي ته هو يسوع مسيح ۾ رهي ٿو ۽ يسوع مسيح ۽ سندس وچن هن ۾ رهن ٿا.

# پنجين مورت




## ۵. پرميشور جو مندر

هيءَ مورت اُن گنهگار انسان جي صاف ۽ پوتر ٿيل دل جي تصوير آهي جنهنکي پرماتما پنهنجيءَ اٿاه ديا ۽ ڪرپا سان بچايو آهي. هاڻ هيءَ دل پرميشور جو سچو مندر ۽ ترمورتي پرميشور يعني پرميشور پتا،

ڪيا ”۽ يڪدم اُتان خون ۽ پاڻي ٻاهر نڪري آيو“ (جان ١٩: ٣٣ - ٣٧). ڪڪڙ جي ٻانگ ڏيڻ کان اڳ، پيٽر يسوع کي ٽي دفعا انڪار ڪيو، پر پوءِ زار زار روئي ڏاڍو پڇتايو. ڇا اوهين پنهنجي وچن ۽ ڪرم سان يسوع مسيح کي سچي ڪريو ٿا؟ يا ماڻهن اڳيان ائين ڪرڻ کان شرمايو ٿا؟ يسوع مسيح چيو، ”تنهنڪري جيڪو به مونکي ماڻهن اڳيان مڃي ٿو، آن کي مان پڻ سرڳ نواسي پرميشور اڳيان قبول ڪندس. مگر جيڪو ماڻهن اڳيان مونکي اِنڪار ڪري ٿو، تہ ان کي مان پڻ پنهنجي سرڳ نواسي پتا اڳيان اِنڪار ڪندس“ (متيوُ ١٠: ٣٢، ٣٣).

يسوع مسيح ائين پڻ چيو تہ، ”جيڪو بہ پنهنجو صليب کڻي منهنجي پٺيان نٿو هلي، سو منهنجي لائق ڪونهي“ (متيوُ ١٠: ٣٨). اُهي ڏنيم آهن جيڪي يسوع مسيح روپي پهاڙ تي بيٺا رهن ٿا!

”يگن يگن کان بيٺل پهاڙ، منهنجا آڌار،
مونکي پاڻ وٽ شرڻ ڏي؛
تنهنجي زخمي پاسي کان،
جيڪو خون ۽ پاڻي وهي نڪري ٿو،
شل اُهو منهنجي پاپن کي وري وري ڌوئي ڇڏي؛
۽ پاپن جي ڏوهہ ۽ اثر کي صاف ڪري ڇڏي.“

Copyright ANGP

هن تصوير ۾ اسان کي اها ڏ ن جي تيلهي پـــڻ
ڏسڻ ۾ اچي ٿي جا جودا جي آهـي جنهـن ۾ـريـو
يسوع سـان ڊوهه کيـو ۽ کيس ٽيهن چـانديءَ جي
ٽڪرن ۾ وڪڻي ڇڏيو ڇاڪاڻ ته پئسي جـــي لوڀ
سندس دل کي شڪار بڻايو هو ۽ سندس من جي اکين
کي انڌو ڪري ڇڏيو هـــو. لا لٽين ۽ زنجيرون وغيره
اُنهن سپاهين استعمال ۾ آنديون جن يسوع کي رات
جو گرفتار ڪيو. سپاهين اڪثر جوئا ۾ ڪم ايندڙ پيارو
۾ اُڇلايو جڏهن هنن سندس ڪپڙا ورهائي ڪنيا ۽
ائين پرماتما جي ڪيل اڳڪٿيءَ جي وچنن کي پاڻي
ڏنـــو. ”اُنهن منهنجا ڪپڙا پاڻ ۾ ورهائي ڪنيا ۽
منهنجي وستر لاءِ پکا پـــڻ وڌا“ (سام ٢٢ : ١٨).
اُنهن يسوع مسيح کان هرڪا شيءِ کسي ورتي، پـــر
ائين چوندي کيس ٺڪرائي ڇڏيو ته ”اسين نٿا چاهيون
ته ڪو هيءُ ماڻهو اسان تي راڄ ڪري“.

عام طور انسان ذات ايشور جون آسيسون ڪٺڻ لاءِ
منتظر رهي ٿي ۽ سيئي کي برسات ۽ سورج جـــي
روشني ملي ٿي؛ مگر هو پرميشور جي حاڪميءَ اڳيان
پاڻ پيش ڪرڻ نٿا چاهين. گهڻن لاءِ پرميشور صـرف
اِن لاءِ أئي سنڌو آهي جو هو مصيبت ۽ نا اميديءَ
جي وقت مدد ڪري ڏو.

پالي سان سپاهين سندس پاسي ۽ دل کي ٽنگ

Copyright ANGP

ويو آهي جنهن سان ڪيس نرديتا سان ڦٽڪا هنيا ويا
هئا. هو اُسان جي گناهن ڪري ئي گهايل ڪيو ويو
ڇاڪاڻ تہ "هن ڪي ئي اسان جي شانتيءَ جي سزا
ڏني ويئي هئي." هيروڊس ۽ سنڌس ماڻهن هنجو
مذاق اڏايو ۽ سوني مٿڪ پهرائڻ بدران ڪيس ڦٽڪا
هڻڻ کان پوءِ سنڌس سر تي ڪنڊن جو تاج رکي ڏبايو
۽ سنڌس ساڄي هٿ ۾ راجائي ڏنڊو ڏيڻ بدران
هڪ ڏانو ڪٽي پڪڙايو ۽ هو هن اڳيان جهڪيا ۽ هي
لفظ چوندي هن تي ٺٺولبازي ڪئي تہ "هي يهودين
جا راجا! سلام! هنن مٿس ٿڪيو ۽ هن جي هٿ مان
ڪانو ڪٽي زور سان سنڌس سر تي هنيو. اهڙيءَ طرح
نهايت نرلجائيءَ ۽ نرديتا سان مٿس چٺرون ڪرڻ
پڄاڻان هو ڪيس صليب تي چاڙهڻ لاءِ ٻاهر وٺي ويا.

اَج ڪيترائي نالي جا مسيحا آهن جي ديولن ۾
پرارٿنا ڪن ٿا، پريوءَ جي پوڄن جي ودّيءَ ۾ ڀاڳ
وٺن ٿا، پرميشور جي ساراهہ جا گيت ڳائين ٿا، پر
تنهن هوندي بہ هو پنهنجن ٻچڙن ڪمن ڪري لڳاتار
پنهنجي مڪتي داتا يسوع مسيح کي نئين سر صليب
تي پيا چاڙهين." هرڪو ماڻهو جو مونکي هي پريو!
هي پريو! ڪري پڪاري ٿو سو سرڳ جي راڄ ۾
پرويش ڪونہ ڪندو، پر اهو ئي جو منهنجي
سرڳ نواسي پتا جي اِڇا انوسار هلي ٿو"
(متيو ٧: ٢١ - ٢٧).

Copyright ANGP




۴. يسوع مسيح سان گڏ صليب تي چڙهيل انسان

آهي ته ”آتما انوسار هلون ۽ جسماني حرص هوس
ڪي ڪنهن به ريت پورو نه ڪريون“ (گالاشينس ٥: ١٦، ٢٥).

اهو تنهن، جنهن سان پريو يسوع مسيح جا ڪپڙا
لاهي ڪيس ٻڌو ويو هو، سو پڻ هن دل جي تصوير
۾ ڏيکاريو ويو آهي، گڏو گڏ اهو چهبوڪ پڻ ڏيکاريو

هاڻ هوُ پرميشور ۽ اُن جي شين ۽ ڳالهين سان پيار ڪرڻ لڳي ٿو.
تنهنڪري هن تصوير ۾ اسين ڏسون ٿا ته پاپ ڏيکاريندڙ سڀ جانور هاڻ سندس دل جي ٻاهر ٿي ويا آهن، جيتوڻيڪ شيطان پنهنجي اصلوڪي جڳهه ڇڏڻ جو خواهان ڪونهي ۽ هـوُ اِن اُميد ۾ پنيان نهاري رهيو آهي ته من ڪٿي ٻيهر اندر گهڙڻ جو موقعو ملي وڃي. اهو ئي سبب آهي جو يسوع مسيح اسان کي ساوڌان رهڻ ۽ پرارٿنا ڪرڻ لاءِ چتائي سچيت ڪري ٿو ته جئن شيطان جو اهڙو مقابلو ڪريون جو هو اسان کان پري ڀڄي وڃي.

## چوٿين مورت

هيءَ تصوير اُن ڪرسچن جي آهي جنهن اسانجي مالڪ ۽ مڪتي داتا يسوع مسيح جي قربانيءَ معرفت پورن شانتي ۽ مڪتي پاتي آهي ۽ تنهن ڪري هـو ٻئي ڪنهن بـــ ڳالهه ۾ فخر نٿو ونئي "سواءِ پر يو يسوع مسيح جـــي صليب جي جنهن معرفت سنسار سندس دِرشٽيءَ ۾ ۽ هو سنسار جي دِرشٽيءَ ۾ صليب تي چاڙهيو ويو آهي" (گلا شيئنس ٦: ١٤). يسوع مسيح انڪري ئي صليب تي چڙهي مئو ته جئن اسين پـڻ پاپن جي لاءِ مئل رهون ۽ ڌارمڪتا لاءِ زنده رهون" (١ پيٽر ٢: ٢٤)؛ جڏهن ڪو ڪرسچن دنيا لاءِ صليب تي چاڙهيو ويو آهي. اسان کي اها آگيا ڏنـــي ويـئـي



Copyright ANGP

سنا آهن ۽ اسان جا ارمان' پاڻ تي هموار ڪيا آهن؛
ڇو جو " هو ( يسوع مسيح ) اسان جي اَپراڌن ۽ خطائن
ڪري اَيي زخمي ڪيو ويو هو ۽ اسان جي بڇڙن ڪمن
ڪري اَيي ڇتيو ۽ ڪچليو ويو هو؛" ۽ " اسان جي
سيني بڇڙن ڪمن ۽ اَنياء جو بار يسوع مسيح پاڻ
تي کنيو آهي" (عيسائيا ۵۳).

هاڻ سندس پاڪ ۽ پوتر دل ۾ پوتر آتما ۽ پريو ۽
جي پيار جو پورڻ اڌڪار ٿئي ٿو. جيئن اَيي هو وشواس
رکي يسوع مسيح ۽ صليب ڏانهن نهاري ٿو ته هو
محسوس ڪرڻ شروع ڪري ٿو ته سندس پاپ معاف
ڪيا ويا آهن ۽ من اَيي من ۾ ڪيس خاطري ٿئي ٿي ته
پرماتما جي پٽ، يسوع مسيح جي خون ڪيس سيني
پاپن کان ڇڏائي پوتر ڪري ڇڏيو آهي (۱ جان ۱: ۷).
هاڻ ڪيس پڪ ٿي ٿئي ته جيڪو به يسوع مسيح ۾
وشواس رکي ٿو سو ناس نٿو ٿئي، پر اَمر ۽ اَبناسي
حياتي ماڻي ٿو (جان ۳: ۱۶). چاڪاڻ ته يسوع مسيح
۾ " اسان کي هن جي فضل ۽ ڪرپا جي ڏن موجب
سندس وهايل خون معرفت نجات ۽ پاپ کان معافي
ملي ٿي" (ايفيسيئس ۱: ۷). جسماني ۽ نفساني پاپي
حرص هوس وارين خواهشن بجاء مـن ۾ اَن پرميشور
جي شيوا ڪرڻ ۽ پرميشور لاء زنده رهڻ جي اِڇا
اَتپن ٿئي ٿي. " جنهن پرميشور اسان کي پهرين پيار
ڪيو." دنيا ۽ دنيا جي شين سان پيار رکڻ جي بدران

Copyright ANGP

جڏهن ٿي سندس نگاهه صليب تي پوي ٿي، جنهنگي
فرشتو، اُرتات پرميشور جو وُچن، ظاهر ڪري ٿو تہ
اهو صليب سندس هاڻوڪي پشيمان دل کي ٽوڙي
ٿو ڇڏي ۽ پنهنجن ڪيل اَنيڪ گناهن کي ڏسي سندس
من گهريءَ سخت پشيمانيءَ ۽ ڏک سان ڀرجي ٿو اچي.
جيئن ٿي هو يسوع مسيح ۾ پرماتما جو اَسيم پيار
پرگهٽ ٿيل ڏسي ٿو تہ هن جي دل پاڻمرادو پگهرجي
پوي ٿي. خاص طور جڏهن هوُ اهو محسوس ڪرڻ لڳي
ٿو تہ پرميشور جو پٽ، يسوع مسيح، سندس اَنيڪ
پاپ پاڻ سان کڻي وڃڻ لاءِ آيو. جڏهن تہ هوُ سندس
بدران پٽيل لعنتي وڻ تي يعني ڪرُوس تي چڙهي
مرڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ ماريو ويو.

اها حقيقت تہ يسوع مسيح کي ڦٽڪا هنيا ويا،
ڪنڊن جو تاج پهرايو ويو، سندس هٿن ۽ پيرن ۾
بي رحميءَ سان ڪتيل ڪوڪا ٺوڪيا ويا ۽ هو
اسان جي ئي پاپن جي بدلي ۾ ڪرُوس يا صليب تي
چاڙهي ماريو ويو، صاف صاف ۽ گهرائيءَ سان پڇتائيندڙ
پاپيءَ کي ذهن نشين ڪرايو وڃي ٿو تہ جڏهن سندس
دل ۽ جيون ۾ ڦيرو اچي وڃي. جڏهن جڏهن هوُ پرميشور
جو وچن پڙهندو وڃي ٿو تڏهن تڏهن هو پاڻ کي اَهڙيءَ
طرح ڏسي سگهي ٿو جئن هوُ پاڻ کي آئيني ۾ ڏسي
۽ محسوس ڪري سگهي ٿو تہ هو پرميشور کان ڪيترو
پري ٿي ويو آهي ۽ هنجي آگيائن جي اُڀتڙ ڪيتر

Copyright ANGP



## ٣. پڇتائيندڙ دل

هيءَ تصوير هڪ سچي پچي پڇتائيندڙ گنهگار انسان جي دل جي دشا ڏيکاري ٿي. هينئر هو پنهنجن اُنهن اَنيڪ پاپن جي مرتبي، خوف ۽ دهشت کي ڏسي ٿو جن جي ڪري يسوع صليب تي چاڙهيو ويو.

چنڊ ۽ تارا اونداهيءَ رات ۾ اسان کي ڪجهه سهايتا اوس ڪري سگهن ٿا، پر جڏهن سورج اڀري اچي ٿو تڏهن انڌڪار ۽ ٻيون سڀ ننڍيون ننڍيون روشنيون غائب ٿيو وڃن. يسوع مسيح ڌرم جو سج آهي. جڏهن هُو جيرو سلم جي مندر ۾ داخل ٿيو تڏهن هن اُنهن سڀني ماڻهن کي مندر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو، جيڪي ٻڪرا، رڍون ۽ ڪبوُتر وڪندا هئا ۽ وياج وٺنو ڪائيندڙن جو ناڻو هيٺ ڇونڊي ٻاهر ڦٽو ڪري ڇڏيو، ”اِئين لکيل آهي ته منهنجو گهر پرارٿنا جو گهر سڏيو ويندو؛ پر توهان ته هن کي چورن جو اَڏو بنائي ڇڏيو آهي“ (متّيوُ ٢١: ١٣). اوهان جي دل اِن ڪري ئي ٺاهي ويئي آهي ته جئن اُها پرميشور جو پوتر مندر ۽ پاڪ گهر بڻيو رهي. پرماتما اُن ۾ رهڻ چاهي ٿو، ان ڪ-ي سهڻو ۽ سندر بڻائڻ چاهي ٿو ۽ ان کي پرڪاش، پيار ۽ پرسنتا سان پر ڪرڻ چاهي ٿو. يسوع مسيح نه صرف اسان جا پاپ معاف ڪرڻ لاءِ پڌاريو، پر هو اسان جو اُڌار ڪرڻ لاءِ آيو. ۽ اسان کي پاپ جي راڄ ۽ طاقت کان نجات ڏيارڻ آيو. ”تنهن ڪري جيڪڏهن خدا جو پٽ، يسوع، توهان کي آزاد ڪندو ته پوءِ توهين سچ پچ آزاد ٿي ويندا“ (جان ٨: ٣٦).



Copyright ANGP

آهي. پوءِ پوتر آتما سنڌس پاپي ۽ اونداهي دل ۾ چمڪڻ شروع ڪري ٿي. پرميشور جو پرڪاش سنڌس من مندر مان سڀ اونده انڌڪار پڇائي ڪيڻ ۽ ڪافور ڪرڻ لاءِ اندر داخل ٿئي ٿو. جڏهن پرماتما جو پرڪاش اندر اچي ٿو تہ پوءِ اونده کي غائب ٿيڻو ئي پوي ٿو. اهو پاپ جنهنکي ڏار قسمن جي جانورن دواران ڏيکاريو ويو آهي تنهنکي بہ ڀڄڻو پوي ٿو. ان ڪري، پربہ پانڪ، يسوع مسيح کي، جو جڳت جي جوتي آهي، پنهنجي هردي ۾ پرويش ڪرڻ ڏئي ۽ اندر پري ۽ اونده پريل ڪارڻ ڪارنامن کي پنهنجي دل مان دور ڪري ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪر، جڏهن تصوير ۾ ڏيکاريو ويو آهي. پربُو يسوع چيو، "مان ئي جڳت جي جوت آهيان؛ جيڪو منهنجي پٺيان ايندو تنهنکي اونده انڌڪار ۾ پنڌ ڪرڻو ئي ڪونہ پوندو" (جان ٨ : ١٢). اوهين پنهنجي پريڻن، پنهنجي نڄيءَ سمجهہ يا بين ماڻهن جي ٻڌيءَ ۽ سياڻپ سان پنهنجيءَ دل مان اونده انڌڪار کي دور ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ ڪامياب ڪونہ ٿيندا. سڀ ڪان سؤلو، پڪي ۾ پڪو، لڪڙي ۾ لڪڙو ۽ سپني کان وڏيڪ اڙائيتو ۽ واحد رستو هيءُ آهي تہ اوهين روشنيءَ روپ يسوع مسيح کي پنهنجي دل ۾ داخل ٿيڻ ڏيو تہ پوءِ پاپ روپي انڌڪار کي خود بخود لڏڻو پئي، پوندو.

Copyright ANGP

پرميشور جو وچن هن کي ياد ٿو ڏياري ته ”گناهه جو عيوضو موت آهي“، ۽ اهو ته ”انسان ذات کي هڪ دفعو مرڻو پوي ٿو ۽ ان کان پوءِ انصاف الاهي مقرر ڪيو ويو آهي“ (هيبروز ۹ : ۲۷). پاپيءَ ۽ اوشواسيءَ جو ڀاڳ اوس ان باهه جي ڍنڍ ۾ ٿيندو جا باهه گندرف ۽ گندرف سڙندي سان ٻرندي پيئي ٻري.

فرشتو پنهنجي ٻئي هٿ ۾ هڪ ڪوپري جهلي بيٺو آهي. اها پاپيءَ کي ياد ٿي ڏياري ته انسان سيني کي نيٺ مرڻو آهي. انسان جو بدن جنهن کي اسين هيترو پيار ڪريون ٿا، سندر ڪپڙا پهرايون ٿا، ڪارايون پيئاريون ۽ سينگاريون ٿا، ان جي ديکڀال ڪريون ٿا ۽ ڏاڍي سار سنڀال لهون ٿا، ان لاءِ ته جڏهن سڀ ساريرڪ واسنائون ۽ ڪامنائون پوريون ڪري سگهون، سو سرير هڪ ڏينهن مرڻو آهي ۽ مٽيءَ ۾ ملي ناس ٿيڻو آهي ۽ انهه ۾ ان کي ڪيئڙا کائي ختم ڪري ڇڏيندا، پر انسان جي آتما ۽ جان دائم قائم ۽ زنده رهندي، جنهنکي هڪ ڏينهن ايشور جي انصاف جي ڪرسيءَ جي سامهون حاضر ٿي، ٻهي حساب ڏيڻو پوندو.

اسين هتي ڏسون ٿا ته پاپي پرميشور جي پيغام کي ڪن لائي ٻڌڻ شروع ڪيو آهي ۽ پرميشور جي پريم کي پراپت ڪرڻ لاءِ پنهنجي دل جو دروازو کوليو



Copyright ANGP




## ٢. ڏوهي ۽ جهڪندڙ دل

چيڀي، جيءُ ۽ آتما، سنڌ سنڌ ۽ ٿنڌ مال کي ٻه
الڳ الڳ ۽ ڇيهون ڇيهون ڪري ڪپي ڇڏي ٿو ۽
جو من جي منشائن ۽ ڀاوناٸن، خيالن ۽ ويچارن جو
سهي ڪندڙ ۽ سڃاڻيندڙ ٿئي ٿو" (هيبروز ۴: ١٢).

ٻُو لهائي ته جئن هو پڇتاءُ ڪن ۽ پرميشور جو پريم ۽ پرڪاش پنهنجين دلين ۾ اندر اچڻ ڏين.

۱۳. ڪبوتر:- هيءُ پوتر آتما ۽ سچ جي نشاني آهي ۽ جو گناه ۽ صواب ۽ انصاف اِلاهيءَ لاءِ ڏوهي ٺهرائي ٿو. پوتر آتما هتي انسان جي دل جي ٻاهر آهي. پوتر آتما اُتي رهي نٿي سگهي جتي گناه ۽ پاپ جو راڄ آهي.

جيڪڏهن هن مورت ۾ چٽيل دل جو بيان توهانجي دل جي دشا سان ٺهڪي ٿو اچي ته پوءِ پرميشور وٽ دانهن ڪريو، پنهنجي دل سندس سامهون کولي رکو، ۽ هن جي وچن جي جوت پنهنجيءَ دل ۾ چمڪڻ ڏيو. ”پرڀو يسوع مسيح تي وشواس رکه ۽ پوءِ تون ڇوٽڪارو پائيندين.“ پرميشور چاهي ٿو ۽ ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته هن توهان جي دل ۾ تبديل آڻڻ جو قول ڪيو آهي ته جئن توهان کي نئين دل بخشي ۽ ان ۾ نئون روح وجهي. ٻيءَ مورت ۾ اهو صاف سمجهايل آهي.

## ٻي مورت

هيءَ مورت اُها پڇتاءُ ڪندڙ دل ڏيکاري ٿي جيڪا پرميشور کي پائڻ لاءِ ڳولها شروع ٿي ڪري. فرشتو هڪ هٿ ۾ تلوار جهلي بيٺو آهي جا پرميشور جو وچن آهي. ”پرميشور جو وچن سجيو ۽ پربل آهي ۽ ڪنهن به ٻه ڌاري تلوار کان وڌيڪ تيز آهي. جو

لکل ويڇارن ۽ ڳجهن ارادن کي ٻڌوڻي ڇاڪاڻ ۽ ڏسي ٿو. ڇاهي توهين پنهنجا شيطاني ڪارناما ۽ بڇڙا ڪرتوت گهور اندڪار ۾ ڪيو يا گهاٽي جهنگل ۾، اونهي‍ءَ کاهي‍ءَ ۾ ڪيو يا ڪنهن ٻئي هنڌ، مگر پرميشور جي اک اِنهن سڀني کي ڏسي ٿي ۽ اُن کان ڪجهه به لکل ڪونهي. (مورت ۾ اک ماڻهوءَ جي منهن جي روشن جو به اظهار ڪري ٿي).

١١. ننڍيون ٻاهن جوُن جيوُن:- هي مالڪ جي محبت جو اِظهار ڪن ٿيون، جيڪي پاپي هرديه جي چوڌني پاسن کان گهيرو ڪري بيٺيون آهن. جيتوڻيڪ پرميشور پاپ کي گهرڻا جي درشٽيءَ سان ڏسي ٿو ته به هو ماڻهوءَ سان محبت ڪري ٿو ۽ نٿو چاهي ته ڪو گنهگار جو موت ٿئي، پر چاهي ٿو ته جڏهن پاپي پڇتاءُ ڪري ۽ جيئرو رهي. يسوع مسيح سنسار ۾ پاپين کي بچائڻ لاءِ اِئي جنم وٺي آيو. سرڳ ۾ بيحد خوشي چانڌجي وڃي ٿي جڏهن ڪو پاپي پڇتاءُ ڪري ٿو. ٻاهن جون ننڍيوُن جيئيون يسوع مسيح جي خون بابت به ٻڌائين ٿيون ”يسوع مسيح جو گهيٽو دنيا جي گناهن کي ڪٽي هليو ٿو وڃي.“

١٢. فرشتو:- پرميشور جي وچن جو عيوضي آهي. پرميشور چاهي ٿو ته پاپ جي بوجهي سان لڏ يل ۽ دبيل ۽ گمراهه ٿيل سڀني مردن ۽ زالن سان ڳالهائي

ڪوڙي شاهد ۽ ڪوڙي انسان کي ڌڪاري ٿو" (نيتي وچن ٦ : ١٩).

٩. ٿارو:- هر انسان جي دل اندر ووڪ طرف اشارو ڪري ٿو. هن مورت ۾ تارو ناپاڪي ۽ برائي ۽ مرت جي حالت ٻڌائي ٿو. ڇاڪاڻي واڻي لڳاتار پاپ ڪري ماڻهوءَ جون اکيون ايتري قدر ته انڌيون ٿي وڃن ٿيون ۽ ٻڌي ايتري قدر ته ڀرشٽ ٿي وڃي ٿي جو هو پنهنجي ڪيل ڪمن کي سچائي ٿي نٿو سگهي ۽ چڱي مٺي جي پڇاڻ ڪري ٿي ڪونه ٿو سگهي. اهو ٻچڙو ووڪ ڪڏهن شانت ٿو رهي ته ڪڏهن چنتا جي ڪري دکي. اهو ٻئي کي تڏهن گنهگار ٿو نهرائي جڏهن معافي ڏيڻ جڳائي ۽ تڏهن ڪميا ٿو ڪري جڏهن ڪيس ڏوهي نهرائڻ گهرجي. ان کي ڇڙ ته گرم لوهه سان ڏنپ ڏنا ويا آهن ۽ وشواس کان پري هٽڻ ڪري هو پنهنجا هوش حواس وڃائي ٿو وهي ۽ سڌ ٻڌ ڪوئي ٿو ڇڏي ڇاڪاڻ ته ڏتاريندڙ ۽ هرڪائيندڙ آتمائن ۽ شيطان جي اصولن طرف ڌيان ڏئي ٿو ۽ ٻگهلو ڀڳت بڻجي. چترائيءَ ۽ چالاڪيءَ سان ڪوڙ ٿو ڳالهائي (١ تموٿي ٤ : ١، ٢؛ هيبروز ١٠ : ٢٢).

١٠. اک: پرميشور جي اک انسان جي اندر ۾ جيڪي به ٿو وهي واپري ٿو سو سڀ چٽيءَ طرح ڏسي ٿي. هنجي چمڪندڙ ۽ ڀهڪندڙ اک کان ڪجهه به لڪي نٿو سگهي ۽ تنهنڪري هو دل جي سيني

٨. **شيطان :-** هيءُ سيني ڪوڙن ۽ ڪوڙ
گهڙيندڙن جو پتا آهي. هيءُ قسمين قسمين پاپن ڪرڻ لاءِ
ڀڙڪائيندڙ ۽ چرچ ڏيندڙ آهي ۽ انسانن جي دلين تي
راڄ ڪندڙ آهي. يسوع مسيح چيو آهي ته اوهين
پنهنجي پتا شيطان مان آهيو ۽ پنهنجي پتا جي
حرص هوس کي پورو ڪرڻ چاهيو ٿا. هو ته شروعات
کان ئي هڇارو هو ۽ سچ تي محڪم نه رهيو، ڇاڪاڻ
ته منجهس سچ آهي ئي ڪونه. جڏهن هو ڪو ڪوڙ
چوي ٿو ته هو پنهنجي سڀاءُ مان ئي چوي ٿو:
” ڇاڪاڻ ته هو ڪوڙو آهي ۽ ڪوڙ جو پتا آهي“
(جان ٨ : ٤٤). ڪوڙ ڪوڙ آهي، چاهي اُهو ننڍو
هجي يا وڏو، سفيد هجي يا ڪارو. ڪوڙ اهڙا آهن
جي چيا، لڪيا يا ڪيا ويندا آهن. ڪپٽي ۽ ٻهروپي
ڪوڙو ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته هو حقيقت ۾ جيڪي نه آهي
تنهنجو ڍونگ ٿو رچي. پرميشور ڪوڙ چئي نٿو سگهي
۽ نه وري ڪو ڪرستان (ٽائيٽس ١ : ٢). ”جيڪڏهن
اسين چئون ته اسان جي هن سان سنگت آهي، ۽ پوءِ
به انڌڪار ۾ پيا هلون، ته اسين نسورو ڪوڙ ٿا
ڳالهايون ۽ سچ تي هلون ئي ڪونه ٿا“ (١ جان ١: ٦).
” ڇاڪاڻ ته ڪتا ۽ ٽوڻا ڦيٽا ڪندڙ ٻوپا، رنڊيباز
۽ خوني، بت پرست ۽ ڪوڙ چاهيندڙ ۽ گهڙيندڙ سڀ
ٻاهر ئي رهندا“ (روپليشن ٢٢: ١٥). ” پرميشور

Copyright ANGP

شرطون لڳائين ٿا ته جئن اوچتو ڪا وڏي رقم هٿ
لڳي وڃين ۽ هو جهٽ وڏا شاهوڪار بڻجي پون. بنا
ڪنهن پورهئي ڪرڻ ۽ پگهر وهائڻ جي، اچانڪ
شاهوڪار بڻجڻ جي اِچا، ماڻهوءَ کي چوري، هٿيا ۽
آپگهات ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ڇڏي. لوڀ لالچ ۽
پئسي جي پيار جا ڪيترائي سنگين ساٿي بڻجي پوندا
آهن. جهڙوڪ شهرت حاصل ڪرڻ جو شوق ۽ ڪا
اختياري پراپت ڪرڻ جي چاهنا، پوءِ چاهي اها
سياسي طاقت هجي ته جئن ٻين جي مٿان راڄ ڪيو
وڃي يا آرٿڪ اُڌڪار شڪتي هجي ته جئن غريبن
کي پيو دٻائجي ۽ پيسجي يا ديني طاقت هجي ته
جئن پرميشور جي شيوا ڪرڻ بدران پنهنجيءَ ديول
سنستا ۾ اُتساه ڏيکارجي ۽ اُنهن سنتن کي نيچو
نوائجي ۽ اُپراڌي ٺهرائجي جيڪي اُنهن جي خاص
ديول ۾ شامل نه ٿي يسوع مسيح جي پٺيان هلڻ جي
همٿ تا ڏيکارين (مارڪ ٩: ٣٨). يسوع مسيح
چيو ته ”پهري سجاڳ رهو، ۽ هر ڪنهن قسم جي لوڀ
۽ لالچ کان پاڻ کي بچائيندا رهو: ڇاڪاڻ ته ڪنهن
بہ انسان جي حياتي اُنهن شين جو ڍير ڪونهي جي
سندس ملڪيت آهن“ (ليوُڪ ١٢: ١٥). هڪ
بيوقوف شاهوڪارن جي ڳالهه هن ريت ٻڌائي ويئي
آهي: ”ڪنهن شاهوڪار جي زمين ۾ تمام گهڻي پيدائش
ٿي . تڏهن هن من ئي من ۾ سوچيو ته هاڻ مان ڇا

Copyright ANGP

جي بندن ۾ جڪڙي رکڻ ٿو چاهي. يسوع مسيح هن سنسار ۾ ان ڪري ئي آيو ته جيڪي به موت جي ڀؤ سبب زندگيءَ ڀر غلام ٿي رهيا، تن کي نجات ڏياري (هيبروز ۲: ۱۴، ۱۵).

ڀر رکڻ وارن ۽ سنڪوچ جي آتما اوهان جي دل کي سخت پٿر بڻائي رهي آهي تان جو اها ڪميءَ جي مٿين ڪل وانگر سخت ٿيو پوي.

۵. چهٽو :- هيءَ هڪ خونخوار ۽ قهري درندو آهي. نفرت، غصو ۽ بدمزاج اڪثر ماڻهوءَ جي دل تي راڄ ڪن ٿا جي گهڻو ڪري ڪا هتيا يا خون ڪرڻ جي راهه ڏانهن گهلي وڃن ٿا. اُن پنهنجي ٻچڙي سياڻ کي ڪنهن خاص پرينڌ ۽ ڪوشش سان توهين اُن وقت تائين هٿ وس رکي سگهو ٿا جيسيتائين اُهو اُچانڪ پنهنجي شوخ ۽ ڪرڙي صورت ڌاري ڦٽي ٻاهر نه نڪتو آهي. اهو قبول ڪرڻ بهتر آهي ته ڪرڙو سياڻ توهان جي دل ۾ موجود آهي، ۽ يسوع مسيح کي پرارٿنا ڪريو ته هوُ اوهانکي ان کان ڇوٽڪارو ڏياري. پرميشور پاڻ چيو آهي ته ”اوهان جي اکين ۾ ڪاوڙ غصو هئڻ نه کپائي“ (جينيسس ۴۵ : ۵).

”ڪاوڙ کان باز اَچ ۽ ڪروڌ کي ترڪ ڪر، ڪنهن به ريت کو پاپ ڪري پاڻ نہ تپاءِ (سام ۳۷ : ۸).

”ڪروڌ ڪنور آهي ۽ غصو غضبناڪ پر حسد ۽ ساڙ جي سڙ پچ اڳيان ڪير ٿو بهي سگهي؟“

Copyright ANGP

جيڪڏهن ماڻهو اُنهن وچنن اَنوسار گفتگو نہ ڪن تہ اِهو صرف اِن ڪري اِي آهي ڇاڪاڻ تہ اُنهن ۾ ڪا روشني ڪانهي“ (عيسائيا ۸: ۱۹، ۲۰).

هيڏانهن جڏهن اوهين هيءُ ننڍڙو ڪتاب پڙهي رهيا آهيو تہ جڳ پرماتما پاڻ اوهان سان ڳالهائي رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي تہ پنهنجن پاپن جو پڇتاءُ ڪريو ۽ پنهنجو جيون پرميشور کي سمرپڻ ڪريو، مگر هوڏانهن ڪميءَ جي آتما، جا اوهانجي دل جي اندر آهي، سا اوهانجي من ۾ انيڪ پرڪارن جا سجهاءُ ڏئي ٿي تہ جيئن اوهين پرميشور لاءِ ڪيل فيصلي کي مهمل رکندا اچو ۽ ائين اُها اوهان جي دل ۾ ڊپ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. اوهين اِهو سوچڻ لڳو ٿا تہ منهنجا متر، سڳا سنبنڌي، سماج ۽ سنسار ڇا چوندو جيڪڏهن مان سچو ڪرستان ٿي پوندس؟ پوءِ ڇا ٿيندو جڏهن مان ناچ گانين، مجلسن ۽ محفلن ۽ ٻين دنيوي مزن ۾ آئيندي ڪو بہ حصو نہ وٺي سگهندس؟ اوهين يسوع مسيح جي اُن اَٿاهہ ڌن کي ڏسڻ بدران، اُن جي اَچرج ڀريل شانتيءَ، اَڪٿ خوشيءَ، مهما ۽ سکہ ميہ اَننت جيون وغيره کي ڏسڻ بدران، اوهين اُنهن ڳالهين کي ڏسڻ شروع ڪريو ٿا، جن کي يسوع مسيح کي دل ۾ جاءِ ڏيڻ کان پوءِ کوهڻو پوندو يا جن جو تياڳ ڪرڻو پوندو، جيتوڻيڪ ماڻهن جو ڊپ ۽ موت جو پڻ اوهان کي سدائين شيطان

Copyright ANGP

سهندو ٿـــي رهيو آهي ۽ زوراور پنهنجي زور سان ان کي حاصل ڪري ٿو" (مٿيو ١١: ١٢).

جيڪڏهن انسان پنهنجي اُڌار ۽ آتمڪ ڪلياڻ جي سنڀنڌ ۾ سستي ٿو ڪري ته پوءِ پڪ بربادي جي طرف گهلجي ٿو وڃي. سستي اسان کي پرارٿنا ڪرڻ کان، پرميشور جي باري ۾ اُونهو اڀياس ڪرڻ کان ۽ پرميشور جي بيحد مٺن وچنن کي هٿ ڪرڻ کـــان روڪي رکي ٿي ۽ تباهيءَ طرف وٺي وڃي ٿي. جڏهن پرماتما اوهان ساڻ روُح رهاڻ ڪئي ۽ اوهان تي زور لاتو ته اڄ ئي پنهنجي دل کيس ارپڻ ڪريو، تڏهن شيطان اوهان کي چوڻ شروع ڪري ٿو ته اهو ڪم اڄ نه، پر سڀاڻي ڪريو يا ٻئي ڪنهن سهولي ـ پرئي ڏينهن تي ڪريو، جو ڏينهن شايد، افسوس! ته اچي ئي ڪو نه، ۽ اوهين ڪرست ۾ مڪتي پائڻ بنا ئي راهه رباني وٺي رمندا رهو. پرميشور جو قول آهي ته "جيڪڏهن اڄ سندس واڻي سڻو ته سنگدل نه ٿيو" (هيبروز ٣: ٧، ٨). ڪيترا نه ماڻهو مڪتيءَ جي باري ۾ اڄ سڀان ڪندي يا ڪنهن سهوليت پرئـي ڏينهن لاءِ ٽڪيندي ۽ واجهه وجهندي، مٽيءَ ۾ ملي نيست ۽ نابود ٿي ويا آهن، جو ڏينهن ڪين ٻنهي نصيب ئي ڪو نه ٿيو؟ سڀاڻي جـــو ڏينهن اسان سڀني جو تـــ آهي ئي ڪو نه.

ڪميءَ جـــي مٿين ڪل اڪثر ٿوڻن ـ ٿوڪن ۽



Copyright ANGP

۾ ناڻو ڪونهي؛ توهين به اچو، خريد ڪريو ۽ کائو؛ توهين اچو، مفت ۾، بنا ڪنهن ناڻي ۽ مله جي دارُو ۽ کير ڳنهو" (عيسائيبا ٥٥ : ١). "جيڪو به اُهو پاڻي پيئي ٿو جو مان کيس ڏيان ٿو، تنهنکي ڪڏهن بـ، پياس لڳي نـ ٿي ڪانہ ٿي، فقط اُهو پاڻي جو مان ڪنهنکي ڏيندس سو اُن جي اندر اُهو پاڻيءَ جو کوہ بڻجي پوندو جنهن ۾ان حيات جاوداني پڙڪو ڪائي ڦٽي نڪرندي (جان ٤: ١٤).

٤- ڪوڙي:- هيءُ آلسيپٽو، رڪ رکان، مايا وي ۽ جادُو ٽوڻا سنبندي ڳالهين جو ذڪر ڪري ٿـي. بي اعتقادي ۽ اَوشواس جادُو ٽوڻي جـي پاپ سمان آهي. "آلسي انسان کي سندس آلالسائـي ماريـو ڇڏي؛ چاڪاڻ تہ سندس هٿ ڪنهن بہ هـاج ڪرڻ کان پڙ ڪيو تا بيهن. هوُ سڄو ڏينهن صـرف هبڇي ۽ لالچي نـگاهن سان تڪيندو ۽ واجهائيندو رهي ٿو" (نيٺي وچن ٢١: ٢٥، ٢٦). جوشوُئا کي اِزرائيل ذات وارن کي ائين چوڻو ئي پيو تہ "هن ديس کـي هٿ ڪرڻ ۾ توني ۽ آرسي نہ ٿيو." انساني فطرت ايشوري ڳالهين کي پرائـڻ ۽ گرهڻ ڪرڻ ۾ نهايت سست ۽ ڍلي آهي. يسوع مسيح چيو تہ "سوڙهي دروازي مان انـدر گهرڻ لاءِ ڪوشش ڪريو" (ليوُڪ ١٣: ٢٤). "جو ڳرلهي ٿو سوئي لهي ٿو." "سرڳ جو راڄ زوُر زبر

Copyright ANGP

ڪا خوراڪ ڪانهي، پر اها وناشڪاري نشيدار شيءِ آهي جيڪا سرير ۽ من کي ڀرشٽ ڪري ٿي ۽ جنهن ڪيس واپرائڻ وارو چريائيءَ ۽ چسپائيءَ جا پيو ڪم ڪندو رهي. اُهي ايتري قدر ته بداخلاق ٿيو پون جو هڪ ٻئي جو گلو ڪپڻ ۽ خون ڪرڻ کان به رهي نٿا سگهن، جو ڪم هو نڌ ٻڌا شراب پيئڻ جي حالت ۾ هو ڪڏهن ڪن ڪونه ها. "چاڪاڻ ته شراب مذاق اُڏائيندڙ ۽ نئرلي ڪندڙ ٿئي ٿو ۽ ٽکو شراب يا پر ڪيف پيالو غصو ڀڙڪائيندڙ ۽ ٻکيڙو مچائيندڙ هوندو آهي. جيڪو به ان کي ڏسي پنهنجي وڃي ٿو، سو سياڻو ڪونهي" (نيتي وچن ٢٠: ١).

جيڪي شراب ٿا هين ۽ وڪڻن ٿا پرميشور اڳيان اُهي به اوترا ئي گنهگار آهن جيترا شراب پيئندڙ، چاڪاڻ ته پرميشور چوي ٿو ته "اَفسوس آهي اُنهن تي جي شراب پيئڻ ۾ شير آهن ۽ جي شراب کي ٽکو ۽ تيز ٺاهڻ ۾ ڏاڍا مڙس آهن" (عيسائيا ٥: ٢٢). "اَفسوس آهي اُن تي جو پنهنجي پاڙيسريءَ کي شراب آڇي ٿو، سندس مٽهن ۾ ٻوتل وجهي ٿو ۽ ڪيس پڻ متوالو ڪيو ڇڏي" (هباڪڪ ٢: ١٥). "سندن محفلن ۽ مجلسن ۾ سرندو ۽ سارنگي، طبلو ۽ ٽوٽائري، شراب ۽ پيالو اهي سڀ هڪيا حاضر ٿين ٿا، مگر هو ايشور جي ڪارن ڌانهن اک کڻي به نٿا نهارين" (عيسائيا ٥: ١٢). "پنهنجي نه وڃو. ڪوه

محنت مشقت ڪش پورهيت ۽ ٻوجهي کان دٻيل انسانو! مون وٽ آچو، ۽ مان اوهانکي شانتي بخشيندس" (متيوءُ ١١ : ٢٨-٣٠).

# مورتن جي سمجهاڻي

## پهرين مورت



پاپي ماڻهوءَ جي دل

دي ٻڌوبي جاٿي ٿو. اهو اصل ناممڪن آهي جو اوهين پرميشور کان پاڻ کي ۽ پنهنجن ڪمن کي لڪائي سگهو، ڇاڪاڻ ته ”جنهن اوهان کي ڪن ڏنا، ڇا هو پاڻ ٻڌندو ڪونه؟ جنهن اکيون جوڙيون، ڇا هو پاڻ ڏسندو ڪونه؟“

”ايشور جون اکيون ساريءَ پرٿويءَ تي هيڏانهن هوڏانهن اِنهيءَ ڪري ڦرنديون رهن ٿيون ته جئن جن جون دليون هن طرف سالم آهن، هو انهن جي بدران پاڻ کي طاقتور ڏيکاري ۽ سندن سهايتا ڪري“ (٢ ڪرانيڪلس ١٦: ٩).

ايشور جون اکيون منش جي چال چلگت تي پونديون رهن ٿيون، ۽ هو هن جي سموريءَ روش کي ڏسي ٿو. اهڙي ڪا اونده يا گهور انڌڪار ڪونهي جتي اَنياءَ ۽ اَنرت ڪرڻ وارو پاڻ کي لڪائي سگهي“ (جاب ٣٤: ٢١، ٢٢).

”پر يسوع مسيح پاڻ کي اُنهن جي اَڌين ڇڏي نه ڏنو ڇاڪاڻ ته هن سڀني کي جاتو ٿي“ (جان ٢: ٢٤).
ان ڪري ”ڌنيه آهي اهو انسان جنهن جا اَپراڌ معاف ڪيا ويا ۽ عيب ڍڪيا ويا. ڌنيه آهي اهو انسان جنهن تي مالڪ ڪو دوش نٿو مڙهي ۽ جنهنجي آتما ۾ ڪو ڪپٽ ڪونهي“ (سام ٣٢: ١، ٢)
(سام ٥١ پڻ پڙهو).

يسوع مسيح ته اڄ به سڏي رهيو آهي ته ”هي



Copyright ANGP

# اِنسان جي دل

## پڳوان جو مندر يا شيطان جو ڪارخانو

(١ جان ٣: ٤-١٠)

جڏهن هيءُ ڪتاب پڙهو ته ان ڳالهه جو ڌيان رکو ته هيءُ ڪتاب هڪ آئينو آهي جنهن ۾ توهين پنهنجو پاڻ کي پيا ڏسندا. اوهين غير ڪرستي آهيو يا ڪرستان، ناستڪ آهيو يا وشواس وڃائي ويٺا آهيو اوهين پاڻ کي ان روپ ۾ پسندا جنهن ۾ پرماتما اوهان کي پسي رهيو آهي. ”انسان ٻاهرين رنگ روپ ۽ شڪل شبيه کي ڏسي ٿو، پر مالڪ ماڻهوءَ جي دل ڏي ڏسندو آهي“ (١ سموئيل ١٦: ١٧). پرميشور ڪنهن به پراڻيءَ جو لحاظ ڪري ڪونه.

شيطان سڀني ڪُوڙن ۽ ڪپٽي اِنسانن جو ابو آهي. هُو اونده ۽ انڌڪار جو سردار ۽ هن دنيا جو ديوتا آهي، جو ان ڪري پنهنجو روپ روشنيءَ جي فرشتي ۾ مٽائي ٿو ته جئن عورتن ۽ مردن کي ڀلائي ۽ ٺڳي سگهي. اڳي وانگر اڄ به ڪيترائي ڪُوڙا رسول ۽ دغاباز ڪم ڪندڙ ٿي پيا آهن جيڪي اها دعويٰ ٿا رکن ته اسين ڪرسٽ جا رسول آهيون ۽ اها ڪا عجب جي ڳالهه ڪانهي ڇو جو شيطان پاڻ ئي

جيڪو به پاپ ڪريٿو، سو نيم ۽ ويوسٿا جو ڏرم ڀنگ ڪري ٿو؛ ڇاڪاڻ ته نيم ۽ ويوسٿا کي ٽوڙڻ ئي پاپ آهي.

۽ توهان ڄاڻو ٿا ته هن اَسانجا پاپ دُور ڪرڻ لاءِ ئي ڏيکاري ڏني؛ ۽ سندس سڀاؤ ۾ پاپ آهي ئي ڪونه.

جيڪو به هن ۾ وشواس رکي ٿو، سو پاپ نٿو ڪري؛ جيڪو به پاپ ڪريٿو، تنهن نه ئي هن کي ڏٺو آهي ۽ نه ئي هن کي ڄاتو آهي.

ننڍڙا ٻارو! ڏسو متان ڪو اوهان کي ڀٽيلائي ڀلائي نه ڇڏي: جيڪو ڌرم جا ڪم ڪريٿو، سو هن وانگر ڌرمي آهي.

جيڪو پاپ ڪري ٿو سو اُهو شيطان جو طرفدار آهي؛ ڇاڪاڻ ته شيطان شروع کان ئي پاپ ڪندو آيو آهي. اِنڪري ئي پرميشور جو پٽ پرگهٽ ٿيو ته جئن هُو شيطان جي ڪمن کي ناس ڪري.

جنهن به پرميشور مان جنم ورتو آهي سو پاپ نٿو ڪري؛ ڇاڪاڻ ته هنجو ٻج منجهس رهي ٿو: ۽ هُو پاپ ڪري ئي نٿو سگهي ڇاڪاڻ ته هن پرميشور مان جنم ورتو آهي.

اِن مان ئي پرميشور جي سنتان ۽ شيطان جي سنتان ڄاڻي وڃي ٿي: جيڪو ڌرم جا ڪم نٿو ڪري سو پرميشور جو ناهي؛ ۽ نه ئي اُهو جيڪو پنهنجي ڀاءُ سان پيار نٿو ڪري.

( ١ جان ٣: ٤-١٠ )

Copyright ANGP

# THE HEART OF MAN

## OR

# THE SPIRITUAL HEART MIRROR

(An Allegorical Representation in Ten Pictures)

This booklet originated in France in 1732, was revised and re-written for the mission fields of Africa by Rev. J.R. Gschwend in 1929, and has subsequently been translated and printed under copyright in over 250 indigenous languages by All Nations Gospel Publishers who are distributing it today in 127 mission countries. People of all languages, classes and religions are being led by this booklet to experience the deep spiritual truth and significance of God's message to mankind as expressed by the prophet Ezekiel 586 years before Christ, "I will give you a new heart and a new mind .... then you will be my people, and I will be your God!" Ezekiel 36:26-28.

Copyright ANGP

**ALL NATIONS GOSPEL PUBLISHERS**
P.O. BOX 2191, PRETORIA, 0001, R.S.A.
(Reg. No. 61/01798/08)

(A Gospel Literature Mission financed by donations)

## A SPECIAL WORD FROM ANGP
## UN MONDE SPÉCIAL DE L'ANGP
## UMA PALAVRA ESPECIAL DA ANGP

**This booklet "The Heart of Man" is available in over 538 languages and dialects spoken throughout the world (Africa, Asia, The Far East, South America, Europe, etc.) Our Heart Book is now also available on cell phones, tablets, etc from www.angp-hb.co.za or as an APP "Heart of Man" on Android phones.**

**Le livre du "Coeur de l'homme" peut etre obtenu en plus de 538 langues et dialectes parles dans le monde entier, a savoir: Afrique, Amerique, Asie, Extreme Orient, Europe. Notre Livre du Coeur est maintenant aussi disponible sur votre Telephone cellular, plaques, etc. de www.angp-hb.co.za ou comme une Application "Heart of Man" sur telephones Android.**

Copyright ANGP

**Este livro "O Coracao do Homem" e obtfdo em mais de 538 linguas e dialectos falados em todo o mundo, a saber: (Africa, Asia, America do Sul, Extremo Oriente, Europa, etc). O nosso Livro O Coração do Homem tambem esta agora disponivel em telefone celular, tablets, etc. de www.angp-hb.co.za ou como um aplicativo "Heart of Man" nos telephones celulares Android.**

**The 10 heart pictures contained in this booklet are also available in the form of large coloured picture charts (86 x 61cm) bound together in a set of 10 pictures. These "Heart Charts" can be obtained with European or African features and are particularly suitable to be used in conjunction with the Heart Book for class-teaching, open air evangelization etc. Kindly contact us to ascertain the latest subsidized price of this chart.**

**Les 10 images du coeur qui figurent dans ce livre peuvent etre obtenues en tableaux de couleur, format 86 x 61 cm, avec des physionomies europeennes ou africaines. Ils peuvent etre utilises en meme temps que le livre du coeur pour des classes bibliques, a**

l'ecole du dimanche ou lors de reunions de plein air. Soyez aimable de nous contacter pour assurer les derniers prix en cours du tableau.

As 10 imagens do coracao, contidas neste livro podem ser obtidas num conjunto de 10 imagens em colorido no tamanho de (86 x 61 cm). Estes "Cartazes do Coracao podem ser obtfdos com caracterfsticas Europeias e Africanas e podem ser usados em conjuncao com o mesmo livro em classes de ensino biblico, evangelizacao ou ao ar livre. Agradeciamos que nos contacta- se para confirmacao do ultimo preco dos cartazes.



Kindly write to us if you are able to assist us with further translations of our free Gospel literature, informing us of the language into which you could translate this Gospel literature. Your assistance would be appreciated.

If you have found salvation in Christ, or have been otherwise blessed through our Gospel literature, please let us know. We would like to thank God with you, and remember you further in our prayers.

Nous vous invitons a nous contacter pour faire des arrangements concernant de nouvelles traductions de notre litterature, nous informant de la langue dans laquelle vous pouvez traduire cette litterature evangelique. Votre aide sera beaucoup appreciee.

Si vous avez trouve le salut en Christ ou si vous avez ete beni par notre litterature, nous vous prions de nous le faire savoir. Nous aimerions remercier Dieu avec vous et prier pour vous.

Nos vos convidamos a nos contactar, afim de fazer qualquer arranjo concernente a novas traducoes de nossa literatura em outras Ifnguas. Vossa assistencia sera muito apreciavel.

Se tem encontrado a salvacao em Cristo, ou se tem sido abencoado por intermedio da nossa literatura evangelica, faca o favor de nos

Copyright ANGP

informar. Pois nos gostarfamos de agradecer a Deus juntamente convosco, e lembra-lo sempre em nossas oracoes.

For free Gospel literature, books and tracts in over 538 languages, write to:

Pour obtenir gratuitement de la litterature evangelique, des livres et des traites en plus de 538 langues, ecrivez a:

Para obter gratuftamente a literatura evangelica, livros e folhetos em mais de 538 lfnguas diferentes escreva para:

**ALL NATIONS GOSPEL PUBLISHERS**

**P.O. Box 2191**

**PRETORIA**

**0001**

**R.S.A.**

info@angp.co.za

Copyright ANGP

A Gospel Literature Mission financed by donations

Une Mission de litterature evangelique financee de dons

Missao de literatura Evanqelica financiada por donativos

(Reg. No. 1961/001798/08)